ڊاڪٽر حبيب الله صديقي

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ (1689-1752) جي سوانح حيات ۽ سندس ڪلام جو پس منظر

# HISTORICAL BACKGROUND OF THE LIFE AND POETRY OF SHAH ABDUL LATIF BHITTAI

**Dr. Habibullah Siddiqui,** Educationist & Writer.

**ABSTRACT**

This study is based on historical background of the life and poetry of Shah Abdul Latif Bhittai. Writer has carried out research to trace out political, religious, social, cultural and traditional facts to find the influence over the intellectual life of the poet. Findings of paper are new and helpful to understand the life and poetry of Shah Abdul Latif Bhittai.

هن وقت تائين لطيف ادبي ميڙاڪن ۾، ڪيترائي مقالا پڙهيا ويا آهن ۽ اُنهن ۾ شاهہ لطيف جي اونهي فلسفي، عظيم شاعري ۽ سندس اعليٰ صوفيانہ رمزن، اصطلاحن ۽ استعارن جي بيحد گهٽي ڇنڊڇاڻ ڪئي وئي آهي. هاڻي ضروري آهي تہ خود لطيف سائين جي سوانح حيات ۽ سندس رسالي ۾ موجود بيتن جي واقعاتي پس منظر تي تحقيق ڪئي وڃي.

سنڌ جو عظيم رهبر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ هڪ انقلابي اڳواڻ هو. سندس ولادت سن 1101هہ مطابق 1689ع ۾ ٿي. ان وقت سنڌ ۾ مغل شهنشاهيت خلاف عام بغاوت جا آثار نمايان هئا. آزاديءَ جي جاکوڙ ۾ ڪلهوڙو بزرگ ميان نصير محمد (مسند نشيني 1657ع) صوفي شاهہ عنايت شهيد (1655-1718ع) ۽ کهڙن جا مخدوم عباسي اڳواڻي ڪري رهيا هئا. آخرڪار سنڌ جي حڪومت ڪلهوڙا خاندان جي هٿ هيٺ آئي. سنڌ ۾ انهي خاندان جي شروعات ميان آدم شاهہ ڪلهوڙي (1520-1600ع) سهروردي صوفي تحريڪ سان ڪئي هئي. جڏهن مغل سپہ سالار عبدالرحيم خان خانان سنڌ فتح ڪرڻ آيو تہ ميان آدم شاهہ جي



خانقاه تي حاضر ٿي ڪاميابيءَ جي دعا گهرايائين. بعد ۾ خانقاه ۽ مريدن جي خرچ پکي لاءِ زرعي زمينون عطا ڪيون ويون. تاهم جڏهن ڪلهوڙن جو اقتدار وڌڻ لڳو تہ ملتان جي مغل گورنر ميان آدم شاهہ کي ڦاسي چاڙهائي ڇڏيو. سنڌ جي مغل سرڪار کان آزاديءَ جي تحريڪ جو اهو پهريون شهيد هو، جنهن جي ميت ملتان مان ڪڍي سکر جي هڪ ٽڪريءَ تي فوجي اعزازات سان دفنائي وئي. سندس فرزند ميان دائود محمد ۽ پوٽن ميان الياس محمد ۽ ميان شاهل محمد پنهنجي معتقدن کي هڪ تربيت يافتہ لشڪر ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. ميان نصير محمد ولد ميان شاهل محمد پهريون ڪلهوڙو بزرگ هو جنهن کلم کلا مغل سرڪار جي خلاف منظم بغاوت جو اعلان ڪيو ۽ هٿڙي غلام شاه تعلقي لاڙڪاڻي کان پنهنجي خانقاه ڳاڙهي تعلقي ميهڙ ڏانهن منتقل ڪري، اتي هڪ فوجي صدر مقام قائم ڪيو. سندس خليفن سنڌ جي مختلف علائقن ۾ خانقاهون ۽ فوجي مرڪز قائم ڪيا. انهن مان هڪ فيروز پرهياڙ ساهتي جي علائقي ۾ نوشهروفيروز نالي هڪ شهر ٻڌايو. ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي حياتيءَ ۾ مغل سرڪار هن اسرندڙ طاقت کي روڪڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهي ليڪن ميان نصير محمد جي وفات 1692ع کانپوءِ سرڪار هن طرف توجہ ڏنو.

ميان دين محمد ڪلهوڙي جي مسند نشينيءَ وقت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عمر 3 سال هئي ۽ اڃا مس پنڌ ڪرڻ سکيو هو. ليڪن جڏهن مغل سرڪار ميان دين محمد کي سندس پڙڏاڏي ميان آدم شاهہ ڪلهوڙي وانگر، سن 1700ع ۾ سرڪشيءَ جي الزام هيٺ ڦاسيءَ جي تختي تي چاڙهيو، تڏهن شاهہ عبداللطيف ڀٽائي 11-12 سالن جو نو عمر نينگر هو ۽ سنڌ ۾ هن سانحہ سبب متل واويلا کي چڱيءَ طرح محسوس ڪري سگهيو ٿي. ڪلهوڙن جي عسڪري طاقت باقي هئي. مغلن جي اڳتي وڌندڙ لشڪر کي ڪافي جاني نقصان پهچائڻ بعد ميان دين محمد جي ننڍي ڀاءُ ۽ جانشين ميان يار محمد، ڪلهوڙا خاندان جي زناني عيال کي اڳئي ساڻ ڪري، قلات جي سنگلاخ پهاڙين ۾ وڃي پناه ورتي هئي ۽ خان قلات سان سلامتي ۽ خرچ پکي پرڻ جو هڪ معاهدو ڪيو هو. ٻن سالن جي جلاوطنيءَ بعد سندس مريدن سرائي فقيرن کيس واپس اچڻ لاءِ عرض ڪيو ۽ هو 1701ع ۾ جڏهن ٻيهر سنڌ ۾ داخل ٿيو تہ مغل سرڪار کيس پنهنجو وفادار حليف بنائڻ جو فيصلو ڪري چڪي هئي ۽ خدا يار خان جو خطاب ڏئي. سبي گنجابہ ۽ بلوچستان جي ڪڇهہ علائقي ۾ کيس جاگيردار بنايو ويو. ان وقت شاهہ لطيف جي عمر پورا ٻارنهن سال ٿي چڪي هئي. 18 سالن بعد مغل ڪلهوڙا سهڪار سنڌ جي آزادي جي هڪ اهم سرواڻ صوفي شاهہ عنايت جي شهادت جو

سبب بني. ان وقت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي عمر 30 سال هئي ۽ سنڌ جي ٻين نوجوانن وانگر هو پڻ سنڌ جي آزاديءَ جو متمني ۽ پنهنجن جي زماني سازي ۽ غداريءَ تي ملول هو. ان وقت تائين سندس اندر جو شاعر وطن جي ماحول جي ٻوسٽ سبب نکري نروار ٿي چڪو هو. شاهہ عنايت صوفيءَ جي شهادت کان متاثر ٿي لطيف جيڪي بيت چيا آهن سي سندس پختہ شاعريءَ جو ثبوت پيش ڪن ٿا.

”اڄ نہ اوطاتن ۾ طالب تنوارين،
آديسي اُٿي ويا مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.“

**(سر رامڪلي)**

ڪلهوڙا دور ۾ جن عالمن ۽ فاضلن مطلق العنان حڪومت جي ملازمت ۽ پٺ پرائي ڪئي، تن جي هدايت جي لاءِ لطيف سائين فرمايو:

”جنهن سناسي سانڍيو، گندي ۽ گراهہ
انهيءَ کان الله، اڃا اڳاهون ٿيو.“

**(رامڪلي)**

هي ظاهر پرست ديني عالمن ۽ فاضلن تي سڌو حملو هو. لطيف ظاهري مذهبي طور طريقن جي دستور کي ترڪ ڪيو. جنهن ڪري مير علي شير قانع کيس تارڪ جو خطاب ڏنو آهي. وقت جي پيرن بزرگن طعني طور چيوتہ: ”جن جا ڪوري موچي پير، سي ڪيئن لنگهندا سير.“

لطيف سائين ڪٿي بہ پاڻ کي پير ڪري پيش نہ ڪيو بلڪ پاڻ خدا وارن فقيرن جي ذات پات جي فرق کانسواءِ تعظيم ڪندو هو.

شاهہ لطيف جي دور ۾ سنڌ سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ مذهبي ڇڪتاڻ ۾ ڦاٿل هئي. سندس شاعري ۽ ذاتي ڪردار انهيءَ ڇڪتاڻ کي ختم ڪري سنڌ کي هڪ خوشحال ۽نيڪ معاشرو بنائڻ ۽ جمهوري طرز حڪومت طرف راغب ڪرڻ لاءِ هڪ فڪري ۽ عملي جدوجهد ڪئي آهي. انهيءَ طرز عمل خلاف وقت جا حاڪم ۽ اجاره دار جهڙي طرح شاهہ عنايت صوفي جي خلاف ٿيا ۽ کيس پنهنجي راه جي رڪاوٽ سمجهي شهيد ڪرايو، اهڙيءَ طرح شاه لطيف کي پڻ ميان نور محمد ڪلهوڙي ۽ سنڌ جي مخصوص گادي نشينن هڪ طرف مارائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ٻئي طرف عوام ۾ سندس مقبوليت گهٽائڻ لاءِ مٿس طرح



طرح جا الزام لڳايا. تاهم شاهہ جا فقير ۽ عوام الناس انهن ڪريل حرڪتن کان متاثر نہ ٿيا. شاهہ لطيف پنهنجي طبعي موت سان وصال حاصل ڪيو ۽ سندس مقبوليت ان وقت کان اڄ وقت تائين قائم دائم رهي آهي. جهڙيءَ طرح لعل کي زمين ۾ دفن ڪرڻ سان سندس جوت جهڪي ڪري نہ ٿي سگهجي تهڙيءَ طرح سنڌ جي ماڻهن لاءِ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي اڄ بہ لاکيڻو لعل آهي.

شاهہ لطيف رحہ جي وقت ۾ سنڌ ۾ مذهبي جنونيت چوٽ چڙهيل هئي. ”خدائي تحريڪ“ هيٺ هندن کي زوريءَ مسلمان ڪيو ويندو هو. عذر اهو ڏنو ويندو هو تہ هن زبان سان ڪلمي توحيد جو ڪو لفظ يا اکر اچاريو آهي. تنهنڪري هو پاڻ مسلمان ٿي چڪو آهي. ايتري قدر جو جيڪڏهن ڪنهن هندو ”رسو“ لفظ زبان مان ڪڍيو تہ چوندا هئا تہ هن رسول جو نالو ورتو آهي. طوهر ڪري مسلمان ڪيوس. هندن رسو چوڻ ڇڏي نوڙي ۽ نوڙ لفظ استعمال ڪرڻ شروع ڪيا. لطيف سائين چيو: ”جي رهٽي نہ رهيو سپرين تہ ڪهٽي ڪبو ڪوه“. هن مٿيارين ۾ هڪ هندو کي زوريءَ مسلمان ڪرڻ وقت پاڻ وڃي ان عمل کي روڪيو.

شاهہ جي رسالي ۾ اڪثر واقعاتي بيت آهن. تر جا زميندار شاهہ لطيف جا مخالف هئا: هڪ زميندار جاني خان ڏيري ڳوٺ بلاول شاهہ جو پٽ عنايت، شاهہ جو مريد ٿيو. سندس والد جاني خان کيس زوريءَ پٽ شاهہ تان وٺي ويو، پر هو وري موٽي آيو. ائين ڪيترا دفعا ٿيو. آخرڪار شاهہ صاحب جاني خان کان:

”پيو جن پرو، گنجي ڏونگر گام جو،
ڇڏي ڪيٿ ڪرو، لوچي لاهوتي ٿيا.“

اهڙي طرح، ”انئي پهر ان جي نانيءَ ڏي نهار“، يا ”هلڻ ٿيو هنگلاج ڏي، آديسين اتوم“، يا ”لائيندس لڱن کي مليريان ميندي“، يا ”روجهہ ڏنائين رات هوت ڳوليندي حب ۾، يا ”وَرَ وَراڪا وچ ۾، لڪين آڏا لڪ“، يا ”هلندي هاڙهو مٿي گسان تن مَ گسان“، يا ”نانگا نانيءَ هليا، هنگلاجان هلي، ديکي تن دوارڪا، مهيسين ملهي“ (رامڪلي)، يا ”ڪاري ڪيڙائو، مٿي منيءَ موٽيا“، يا ”سيد ساٿ سندوءَ پرُ بندر پهچائيين“، يا ”سامي ڇڏي سناگ، گڏيا گورڪنات کي“ (رامڪلي)، يا ”وڏا وڻ وٽڪار جا، جت جائو، جمر، جر“، اهي سڀ اظهار جاگرافيءَ جي هنڌن مڪانن رندن ۽راهن جا آهن جيڪي شاهہ لطيف پاڻ گهمي ڏٺا. انهن جي حوالي سان شاهہ سائين جي سوانح حيات تيار ڪري سگهجي ٿي.

شاهہ جي سوانح مرتب ڪرڻ لاءِ هڪ ذريعي طور لوڪ روايتون، خانگي ڪتبخانن ۾ موجود قلمي نسخا پڻ استعمال ڪري سگهجن ٿا.

(1) واحد ڏنو فقير شاهہ لطيف جو همعصر هو. ليڪن معتقد نہ هو. سندس هڪ روايت شاهہ لطيف جي استاد آخوند نور محمد سانوٽي جي ٽڙ پوٽي ميان محمد حسين هن ريت ٻڌائي تہ هڪ لڱان ٺٺي قيصر جو هڪ شورو شاهہ لطيف جي خدمت ۾ دعا ڪرائڻ لاءِ حاضر ٿيو. ان وقت لنگر هلي رهيو هو. آخر ۾ شاهہ سائين پاڻ لنگر ورتو ۽ دعا لاءِ آيل ماڻهوءَ کي نہ فقط پاڻ سان گڏ کائڻ لاءِ مجبور ڪيو بلڪ سندس هٿ بہ ڌورايا. ان ماڻهوءَ چيو تہ سائين آئون پاڻ اوهان جي نوازش جي نظر لاءِ حاضر ٿيو آهيان. لطيف سائين وراڻيو تہ ”آئون نا چيز آهيان. الله وڏو سگهارو ۽ مهربان آهي. سندس هر انسان تي نوازش جي نظر آهي.“

(2) لطيف سائين اڪثر مرشد قلندر لعل شهباز رحہ جي مبقري تي حاضري ڏيندا هئا. سيوهڻ شريف ۾ مخدوم دين محمد صديقي مشير ڪلهوڙا سرڪار برائي مذهبي امور سندن پڳ مٽ يار هو. انهيءَ وٽ مهمان ٿيندا هئا. درگاه تي حاضري ڀرڻ کان علاوه لطيف سائين ٻين مقبرن تي پڻ وڃي اتي وينل مجاورن ۽ فقيرن سان رهاڻيون (انٽرويو) ڪندا هئا. هڪ دفعي ”بودلي بهار“ جي ڪسجڻ جو واقعو ٻڌائين. انود ڪاسائيءَ بودلي فقير کي کهي ٻوٽيون ٻوٽيون ڪري سندس گوشت شهر ۾ وڪرو ڪيو هو. اهو ٻڌي شاهہ لطيف هي بيت چيو:

”سِرُ ڏُونديان ڌڙُ نہ لَهان، ڌڙُ ڏُونڊِيان سِرُ ناهہ،
هَٿَ ڪَرايُون آڱِرُيُون، وِيا ڪَپَجِي ڪَانهہ،
وَحدت جي وِهانءَ، جي وِيا سي وَڍِيا“

(سُر ڪلياڻ)

(3) روهڙيءَ جي صراف صديقين وٽ شاهہ لطيف ايندو رهندو هو. اتي اڄ بہ ”شاهہ جو اوتارو“ مشهور آهي. وڏن جي وفات بعد وارثن اباڻو ڏنڌو ترڪ ڪري ڇڏيو. آخري دفعي جڏهن لطيف سائين اتي منزل انداز ٿيو تہ پوئين جا حال ڏسي هي بيت چيائين:

”وِيا سي وِينجهارَ، هيرو لعل وِنڌِينِ جي،
تنين سندا پوئيان، سيهي لهن نہ سار،
ڪٿن ڪٺ لهار، هاڻي انين پيٽيين.“

(سر سريراڳ)



سنڌ جي صنعت ۽ حرفت لاءِ لطيف سائين جو اونو هن بيت ۽ ٻين اهڙن ڪيترن بيتن مان ظاهر آهي.

جن ڏينهن ۾ لطيف سائين شاه ڪريم جي مقبره لاءِ ملتان مان ڪاشيءَ جون سرون سودي لوءَ صاحبان (گهوٽڪي) ۾ حضرت موسيٰ شاهہ سان ملاقات ڪري واپس پهتا هئا، تن ڏينهن ۾ هڪ فقير عرض ڪيو تہ جيئن حضرت موسيٰ شاهہ جو قول آهي تہ جيڪو بندو رمضان شريف جي آخري جمع جي نماز سندس جامع مسجد ۾ ادا ڪندو، انهيءَ تي دوزخ جي باهہ حرام ٿي ويندي، تيئن اوهان بہ ڪو اهڙو اعلان ڪريو. اهو ٻڌي شاهہ لطيف تي حال طاري ٿي ويو ۽ وجد جي حالت ۾ چيائون تہ جيڪو ماڻهو محبت سان هن پٽ تي آيو، انهيءَ کان دوزخ جي باه پري ڀڄندي. ان وقت سندن والد حبيب شاهہ موجود هئا. انهن اعتراض ڪندي فرمايو تہ”ابا اهو ڇا چيئي، پٽ تي تہ هندو، زنديق، ڪافر ۽ ملحد بہ ايندا. پوءِ انهن کان بہ دوزخ جي باهہ پري ڀڄندي؟ جواب ۾ لطيف سائين هي بيت چيو:

”ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، ڇٽاڻو ڇوڏار،
منجهين ڪاڪ ڪڪوري، منجهہ هين باغ بهار،
ڪانهي ٻي تنوار، ٿيو مڙيوئي مينڌرو“

(سر مومل راڻو)

مينڌرو هندو راجپوت هو.

(5) هڪ روايت مطابق هالن جي درگاه جي هڪ معتقد جو انتقال هن ريت ٿيو جو هن پٽ شاهہ تي اچي شاهہ لطيف جي شان ۾ گستاخيءَ جا الفاظ استعمال ڪيا. جڏهن شاهہ جا فقير پنهنجي مرشد جي تلقين مطابق صبر ۾ رهيا، تڏهن وڏيڪ ڇتو ٿي چيائين تہ ”اي حجره نشين! تون ڇا ۽ تنهنجي بزرگي ڇا، فقيريءَ جي ڦند ۾ ناحق ماڻهن کي برغلائيندو ۽ دوکو ڏيندو رهين ٿو. تون هڪ جيتامڙو سنهڙو سپ آهين. ازدها ۽ اجگر سان جنگ جوٽڻ جي ڪوشش نہ ڪر!“ لطيف سائين اهو ٻڌي هڪ سرد آهہ ڀري ۽ هيءُ بيت چيو:

”سَنهان ڀان مَ سَپَ، وِيَاءَ واسينگن جا،
جنهين جي جهڙپ، هاٿي هنڌان ئي نہ چري.“

(سر ڪارايل)

چون ٿا ته انهيءَ بيت ٻڌڻ سان سيد اجن شاهه جي پيٽ ۾ سخت سور پيو ۽ ٿڌي تي تڙپي ساهه ڏنائين. لطيف سائين کي بيحد افسوس ٿيو.

(6) رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جي سنت جي پيروي ڪندي لطيف سائين ڪڏهن ڪنهن کي بددعا نه ڏني هئي. سندس انهيءَ اخلاق جي ثابتي هن واقعي مان پڻ ملي ٿي ته جڏهن مرزا مغل بيگ جي وفات سن 1124هه 1713ع جو ماده تاريخ ڪيندي شاهه لطيف جي هڪ فقير "بود خبيث" چيو، تڏهن شاهه لطيف في البديهه فرمايو: "يک مغل به بوده" يعني هڪ پلو مغل هو. انهيءَ مثال مان ثابت ٿئي ٿو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي هادي اعظم حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جي اخلاق تي ثابت قدم هو ۽ شاهه جي شارحن طرفان ڏانهنس منسوب هيءُ بيت پڻ خود شاهه لطيف جو چيل نه آهي، نه ئي سندس رسالي ۾ شامل آهي.

"بيگ تنهنجي بيگي، ڪوتڙيءَ ۾ ڪان
اتم اَس الله ۾، دل مارينئي مان"

(7) شاهه لطيف سچو عاشق رسول هو. سندس ننڍ ڏاڏي شاهه ڪريم سندس ولادت جي اڳڪٿي هڪ سٽ ۾ ڪئي هئي "جَر پکي جئن، ٻانهياريءَ ٻيلهڙو" جيڪا روايت بنجي وئي جڏهن لطيف وڏو ٿي خود شاعري ڪرڻ لڳو ته ڪيس اها روايتي سٽ معلوم ٿي ۽ پاڻ انهيءَ تي گره لڳائي بيت مڪمل ڪيو: "اسان جو تن تيئن ٿو ساري مرسل مير کي". سندس ڪلام ۾ اڪثر حب رسول صہ ۽ علامات رسول صہ جي نشاندهي ٿئي ٿي.

(8) هڪ دفعي حج تي ويندڙ هڪ قافلو ڏسي ارادو ڪيائون ته هنن سان گڏجي وڃي حج ڪري اچبو. ڪُپل پند اڳتي هليا ته قافلي هڪ تلاءُ تي پڙاءُ ڪيو. ان وقت ٻڪرين جو هڪ ڌڻ ڌوڪيندو تلاءَ تي آيو ۽ پاڻي پي ڍءُ ڪرڻ بعد هر هڪ ٻڪري تلاءَ ڏي پٺ ڪري تلاءَ ۾ ڦولهڙيون لاهڻ لڳي. شاعر فطرت کي انهيءَ نظاري مان هڪ نئون نظريو ملي ويو. قافلي وارن کي ڇڏي اتي هليو ۽ ان وقت سندس زبان تي هي بيت جڙي آيو:

"ڏوريان ڏوريان م لهان، شال م ملان هوت،
من اندر جا لوچ، مڃڻ ملڻ سين ماني ٿئي."

(سر حسيني)

(9) لطيف سائين تيئن حاجي تي نه سگهيا، جيئن سنڌ جا ماڻهو حج ڪري اچڻ بعد عام ماڻهن کان مٿيرا ٿي "حاجي سڳورا" سڏرائيندا هئا.



لطيف سائين اصل حقيقت جي علم جو قائل هو. ظاهري علم ۽ ان جي اظهار جي روايتي ادبي ۽ لغوي صورت ڪيس قبول نه هئي. فرمائين ٿا ته:

"ڪوهُ ٿو ڪا ڳُرُ ڪورِيين، وينو وڃائين مسُ،
ڏورِ ٿئائين ڏِسُ، اکَرَ جِئائِين جُڙيا."

(يمن ڪلياڻ)

(10) حضور صلي الله عليه و آله وسلم بابت معلوم آهي ته پنهنجي لاءِ هيءَ دعا گهندا هئا: يا رب ارني ڪل شيءَ ڪما هو. (يا رب مون کي سڀ شيون ائين ڏيکار جيئن اهي اصل ۾ آهن.) زماني جا عام ماڻهو شين جي ظاهري سونهن ۽ شڪل ڏسندا آهن پر الله وارن جي انهن جي اصل حقيقت تي نظر هوندي آهي. شاهه لطيف ۽ سندس خاص خليفن جي به اها ڪيفيت هئي. هڪ دفعي جت فقير ويسر ولد ساولو لطيف سائين سان هڪ دعوت ۾ شريڪ هو. فقير ميزبان جي آندل ماني ڪاڻ بدران هٿ تان جوءِ گهرائي، انهن جي اٽي مان ماني پچرائي ڪاڌي. لطيف سائين سبب پڇيو ته فقير دعوت جي ماني ۾ چوريءَ جي سيڌي سامان هجڻ جو ذڪر ڪيو، جيڪو هن کي روحاني طور معلوم ٿيو هو ۽ ڪيس يقين هو ته مرشد کي پڻ اهو معلوم هوندو ۽ تعجب هوس ته پوءِ به مرشد اها دعوت جي ماني ڪاڌي! انهيءَ تي لطيف سائين چيس ته "فقير توکي جوَن ۾ غير نظر نه آيو؟" ويسر چيو: "مرشد مون انهيءَ تي غور نه ڪيو." جاچ ڪئي وئي ته معلوم ٿيو ته دڪاندار کي جو هڪ شڪاريءَ جا وڪرو ڪيل هئا ۽ شڪاريءَ کي اهي جو هڪ سوئر جي پيٽ مان مليل هئا، جنهن جو هن شڪار ڪيو هو. انهيءَ تي لطيف سائين پنهنجي فقير ڏي منهن ڪري هيءُ بيت چيو:

"ادا ڙي ويسر،مڇ ڪاءُ نه ته مرندين،
ڪٺان پئيندين اڇ، جو لوڪ مڙوئي لڙ ٿيو"

هن بيت مان اهو به معلوم ٿئي ٿو لطيف سائين پنهنجي فقيرن کي ادا ڪري ڪوٺيندو هو.

(11) جڏهن ميان نور محمد ڪلهوڙي لطيف سائين جي دعوت ڪئي ۽ موڪلائڻ وقت هڪ سر پٽ سرڪش گهوڙو سونن سنجن سان سواري لاءِ پيش ڪيو، انهيءَ ارادي سان ته اهو گهوڙو پڪ سان شاهه لطيف کي پٽ تي ڪيرائي ماري ڇڏيندو، تڏهن لطيف سائين هيءُ بيت پڙهي گهوڙي تي سوار ٿيا:

"هلايو ته هلي وڃان، بيهاريو ته بس ميان
واڳ ڏٽي تو وس ميان، آئون ڪا پاڻ وهيٽي."

لطيف گهوڙي جي واڳ ڪٽي هني جي گهرٽي ۾ وڌي ۽ گهوڙو پاڻ مرادو ڊوڙڻ لڳو. ميل سوا اهڙيءَ ريت سواري ڪرڻ بعد لطيف سائين گهوڙو ورائي اچي ميان نور محمد ڪي موٽائي ڏنو ۽ فرمايو ته هيءَ سواري اسان جي ڪم جي نه آهي. اوهان جنهن اقتداري گهوڙي تي سوار آهيو، انهيءَ جو خيال ڪريو. ڪٿي اوهان ڪي نه وجي پٽ تي سٽي. انهيءَ ڪان اڳي ميان نور محمد ڪلهوڙي ڪي سندس درٻارين لطيف سائين جي حسن پرستيءَ جي ڪمزوري ڪان آگاهه ڪيو هو، جنهن سبب خدمت چاڪري ۽ دل وندرائڻ لاءِ حسين و جميل نوجوان عورتون پيش ڪيون ويون ته اهي ڪيس پاڻ ڏانهن راغب ڪري نه سگهيون ۽ لطيف سائين فرمايو:

”ڪاڪِ نه جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪنهن نه مال،
جي چورين ڏنا چالَ، ته ٻه لاهوتي لنگهيا ويا.“

**(سر مل راڻو)**

(12) ٻئي دفعي زهر ڏئي مارائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. جيڪا پڻ ڪامياب نه ٿي. هن دؤر جي تاريخ ۾ ”گلان“ رقاصه جو نالو درج آهي. چاڪاڻ ته اها سنڌ جي مشهور بادشاهه ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي والده هئي. مائي گلان ميان نور محمد ڪلهوڙي جي نڪاح ۾ ڪيئن آئي. ان جو احوال هن ريت آهي: ”گلان“ لطيف سائين جي بيحد معتقد مريدياڻي هئي. جيئن ٻڙَ جي ڊوري ضلعي بدين واري ”مائي گگا“ جتڻي ۽ ترائي تعلقي رتو ديرو جي مائي ابڙي وغيره ۽ انهن فقيرياڻين جي ڪري لطيف سائين جا حاسد مخالف مٿس ظاهري حسن پرستي بلڪ نفس پرستيءَ جو الزام لڳائيندا هئا. ميان نور محمد ڪلهوڙي ثابتي هٿ ڪرڻ لاءِ پنهنجا سپاهي پٽ تي موڪليا ته جيڪڏهن اهي ”گلان“ رقاصه ڪي شاهه لطيف وٽ موجود ڏسن ته ڪيس پڪڙي وني اچن. ان وقت گلان لطيف سائين ڪي عرض ڪيوته مون ڪي عزت ۽ عاقبت جي دعا ڪريو. لطيف سائين فرمايو ته ”خدا جي حڪم سان تون ترت سنڌ جي راڻي ٿينديـنءَ“ ايتري ۾ ميان نور محمد جا سپاهي اچي ڪڙڪيا. تن گلان ڪي پڪڙي وجي ميان جي حضور ۾ حاضر ڪيو. مائي گلان ڪي ڏسندي ميان مٿس موهت ٿي پيو ۽ ڪيس پنهنجي خلوت گاهه ۾ وني ويو. گلان ڪي مرشد جي دعا ياد آئي. تنهن بادشاهه ڪي عرض ڪيو ته مان شاهه لطيف جي مريدياڻي آهيان. ”اچي عمرڪوٽ ۾ ڪنديس ڪانه ڪريت.“ جيڪڏهن اوهان مون سان نڪاح ڪريو ته آئون اوهان سان حق نڪاح ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، نه ته مرندي مري وينديس، حرام ڪم نه ڪنديس. ميان نور محمد تي



ان وقت عشق جو ايترو غلبو هو جو نه ڪيائين هم نه تم، هڪدم قاضي گهرائي نڪاح پڙهايائين. ميان جا درٻاري جيڪي شاهه لطيف جي مريدن ڪي طعنو ڏيندا هئا ته اوهان جو مرشد هڪ ڳائڻيءَ جي عشق ۾ مبتلا آهي، سي هڪا ٻڪا رهجي ويا ۽ شاهه جي مريدياڻي گلان جي پيٽ مان اهو لعل پيدا ٿيو، جنهن تي سنڌ جي تاريخ ڪي اڄ تائين ناز آهي. شاهه سائينءَ جي زندگيءَ جا ڪيترا ئي واقعا اڄ سنڌ ۾ عَام آهن، ليڪن شاهه جا پارکو انهن ڪي ڏند ڪٿائون چئي نظر انداز ڪندا رهيا آهن. سندن خيال مطابق شاهه هڪ عظيم صوفي هو ۽ صوفي عورت سان رغبت نه رکندا آهن، بلڪ هنن جي محفلن ۾ عورتن جي داخلا مسجد ۾ سندن داخلا وانگر ممنوع هوندي آهي. هوته انهيءَ حد تائين ٻه وجن ٿا ته شادي بعد شاهه جي پنهنجي گهر واري بيبي سعيده ڏانهن رغبت نه رهي ۽ هو هميشه عشق الاهي ۾ غرق هوندا هئا.

(13) شاهه لطيف لاءِ مشهور ڪيو ويو ته هو جاهل جٽ آهي، ۽ سندس اُمي يا اڻ پڙهيل هجڻ جو اعلان، دور حاضر تائين ڪيترن شاهه جي عالمن طرفان ٿيندو رهيو آهي. تحقيق مان معلوم ٿيو آهي ته لطيف سائين، آخوند نور محمد ڀٽيءَ جو ڪتابي هو. اهو ضرور آهي ته جيئن پاڻ پنهنجي بيتن ۾ چيو اٿس، لطيفي لات ڏاتر جي ڏات ۽ جاڪوڙي مشاهدي تي ٻڌل آهي. دستوري تعليم ۽ علمي فضيلت ڪان معذرت ڪندي، لطيف فرمائي ٿو:

”جيئن جيئن ورق وارئين، تيئن تيئن ڏنو ڏوهه
رهٽيءَ رهيو نه سپرين ته ڪهٽيءَ ڪبو ڪوهه.“

**(سُر يمن ڪلياڻ)**

شاهه جي زماني جو عالمانه ماحول مناظرن ۽ خودثنائي تي ٻڌل هو. علم ۽ فضل جي دعويٰ ڪندڙ ڪو سوال يا بيت جي هڪ سٽ پنهنجي حريف ڪي لکي موڪليندا هئا ۽ پوءِ سندس موٽ مان وڏوُن ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. لطيف ۽ دعويدار عالمن ۾ اهو فرق هو ته لطيف هڪ سياح مشاهده نگار عالم هو ۽ سندس مخالف مسند نشين گوشي نشين لڪير جا فقير هئا. مخدوم عبدالباسط الائي هڪ مصرع طرح لکي موڪليو: ”اسان ٻنهي پاڻ ۾ جهنگ پيجي جهوڪون ڪيون.“ شاهه لطيف گره لڳائڻ بجاءِ هي بيت لکي موڪليو:

”جهنگ واري جهوڪون پري، تنهان پوءِ ڳوٺ،
قريباڻي ڪوٺ، اجا ٻه اڳاهون سجهي.“

(14) انهيءَ سلسلي ۾ شاهه جا ڪافي بيت رسالي ۾ موجود آهن جيڪي

هڪ ذهني انقلاب لاءِ اپارن ٿا:

”روزا نمازون، ايءُ پڻ چڱو ڪم،
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.“

”جي تو بيت پانيان، آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.“

آيتون معني نشانيون، ساڳئي وقت سوا سؤ کان مٿي قرآني آيتون تلميح ۽ تضمين طور شاهه جي رسالي ۾ موجود آهن، جن جو ترجمو ۽ تشريح ڪماحقه ۽ ڪمال قابليت سان ڪيل آهي.

(15) مذهبي ۽ عالمانه ماحول جي اصلاح کان علاوه، شاهه لطيف پنهنجي ڏيهه ۾ هڪ زبردست سماجي انقلاب آڻڻ جي عملي ۽ درسي ڪوشش ڪئي. ارغونن جي دؤر کان سنڌ ۾ هنرمند ڪمين ڪاسبين، هارين ۽ ڪاريگرن ۽ سيلاني فقيرن کي هڪ ادنيٰ سماجي حيثيت ڏني وئي هئي ۽ ڪين گهٽ نظرن سان ڏٺو ويندو هو. اهو نفسياتي اثر اڄ به قائم آهي. شاهه لطيف انهيءَ جي خلاف درس ڏنو آهي. فرمائي ٿو ته:

”نئون نياپو آئيو، راٽي ملا رات،
لڌي سون لطيف چي، ڪنان ڏاتر ڏات،
ڪهڙي پڇين ذات، جي آئيا سي اگهيا.“

(سر مومل راڻو)

يا

”ڪڪيءَ هاٽيون ڪاريون، ڇڄيءَ هاٽا ڇڄ،
پاند جنين جي پاندسين لڳي ٿئي لڄ،
سمون ڄام سهڄ، ايو ڪري ان سين.“

(سُر ڪاموڏ)

(16) مذهبي اجاره داري حاصل ڪرڻ لاءِ شاهه لطيف رحه جا معاصرين هڪ طرف هڪ ٻئي کان گوءِ کٽڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا هئا ته ٻئي طرف لطيف جي مقبوليت کي ختم ڪرڻ لاءِ حيلا وسيلا هلائي رهيا هئا. هنن مشهور ڪيو ته شاهه عبداللطيف تارڪ آهي. شاه بدعيتي، پنگوڙو ۽ تارڪ صوم وصلواة آهي. انهيءَ الزام تراشيءَ جو اثر وقت جي اعليٰ مذهبي اڳواڻن تي پڻ پيو. ليڪن جڏهن سيلاني فقير شاهه عبداللطيف ڀٽائي وٽن لنگهي ويو ته سندس بصيرت، علمي فضيلت ۽ روحاني عظمت ڪين سندس بزرگيءَ جو قائل ڪري ڇڏيو. شاهه جي معاصرين ۽ ملاقاتين ۾ انهيءَ وقت جون عظيم شخصيتون شامل آهن: شاهه عنايت شهيد جهوڪ شريف وارو، خواجه محمد زمان لنواري شريف وارو، مخدوم دين محمد سيوهڻ وارو، مخدوم معين الدين ٺٽي وارو ۽ اتان ئي جو مخدوم محمد هاشم ۽ مير علي شير قانع سنڌ جو مورخ، سچل سرمست جو ڏاڏو ميان حافظ محمد صاحب درازي، حاجي فقيرالله علوي شڪارپوري، سيد مير محمد شاهه عطا امير خاني ٺٽوي، سيد بقاءُالله شاهه لڪياري، مخدوم محمد کهڙن وارو، سيد عنايت رضوي نصرپوري، (اصل بکري)، مخدوم صابر ولهاري ٽنڊي الهيار وارو، سيد موسيٰ شاهه گيلاني لوءِ صاحبان (گهوٽڪيءَ) وارو ۽ ٻيا صاحب فضيلت، شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا صحبتي هئا. ٻئي طرف حريف درگاهن جا پير مريد ۽ خاص خليفا شاهه لطيف جا مخالف هئا ۽ سندس تحريڪ تي ڪين زبردست اعتراض هو. تاهم جڏهن ساڻس مليا، تڏهن سندس عزت ڪيائون. مثال طور 1145هه-1733ع ۾، جڏهن ميان نور محمد ڪلهوڙي ظلم جي انتها ڪندي مخدوم عبدالرحمٰن کهڙن واري کي ٻه سؤ ٻاويهه جماعتي مريدن سميت مسجد اندر شهيد ڪرايو ۽ ملڪ ۾ ڏهڪاءَ هئو، تڏهن سندس فرزند مخدوم محمدي ۽ احمدي ٻن ۽ هڪ سال عمر جا هئا: مخدوم محمدي (متوفي 1171هه-1758ع) بالغ ٿي گادي نشين ٿيو (غالباً 1749ع) تڏهن شاه لطيف فقيرن جي جماعت وٺي معذرت ۽ مبارڪباد لاءِ کهڙا پهتو. ان وقت جو احوال ڪجهه قدر قلمبند ڪيل آهي. شاهه کهڙن جي ٻاهران سچيڏني اڄڻ جي ڪوهه وٽ منزل ڪئي، مخدوم محمدي ڪيس پاڻ وٽ اچڻ جي دعوت ڏني ته هڪ بيت لکي موڪليائينس:

”اڄ نه آيس آئون، صبح ايندس سپرين،
توتي جنهن جو نانءُ، سوڪٽي بار ڪهين جا.“

مخدوم بيت پڙهندي فوراً شاهه عبداللطيف وٽ حاضر ٿيو. اهڙيءَ طرح مٿي ڄاڻايل بزرگن سان شاهه لطيف جي ملاقاتين ۽ روحاني علمي ڏي وٺ جو احوال ڪجهه ڇپيل، ڪجهه زباني، روايتي طور تي موجود آهي. انهيءَ کي سهيڙي، سوڌي ۽ تاريخ سان ڀيٽي شاهه لطيف جي مستند سوانح حيات تيار ڪري سگهجي ٿي.

(17) لاڪيٽي لطيف جا پنڌ پير اڄ به سنڌ ۽ آسپاس جي سر زمين تي موجود آهن. اهي رند، اوتارا ۽ ٿاڪَ تحقيق جي دعوت ڏئي رهيا آهن: ڪابل ۽ قنڌار، بلوچستان، لسٻيلو، ڪيچ مڪران خاران لاهوت لامڪان هنگلاج، لکپت،

گرنار، ڪڇ ڀڄ، جيسلمير، جوڌپور، گجرات، بهاولپور، پنجاب، ڪشمير ۽ سنڌ جا سمورا علائقا هن سيلاني گهمي ڦري ڏٺا آهن ۽ انهن تمام علائقن جي تاريخ جاگرافي پنهنجي ڪلام ۾ بيان ڪئي اٿس. شاهه لطيف جي سوانح تي ڪم ڪندڙ عالمن ڪجهه قدر سندس ٽن سالن جي دشت پيمائي کي نروار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ سندس واٽن کي سندس بيتن ۾ ڳوليو آهي.